**رياضت علي برڙو**
پي ايچ-ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو،
وفاقي اردو يونيورسٽي.

# پرمانند ميوا رام جي ادبي، صحافتي ۽ لغوي خدمتن جو جائزو

# AN ANALYSIS OF LITERARY, JOURNALISTIC AND LEXICOGRAPHICAL WORKS OF PERMANAND MEWA RAM

**Abstract**

Permanand Mewa Ram (1866-1938) was a very famous author, editor, compiler and lexicographer of Sindhi language. He also translated many articles and books from English and Italian languages into Sindhi language such as *Imitation of Christ*, *The Bible*, *Lady of Lourdes* and *Hero Gulo*. Although he did not get any higher educational degree from any college or university, yet he educated himself and gained a lot of knowledge of English language and grammar. He studied several books concerning different aspects of religions and society. He worked as a very nice teacher some schools and finally engaged himself as an editor of a fortnightly bi-lingual in English-Sindhi magazine *Jot*, in 1990, which he had joined as co-editor of Sindhi section, few years back in 1896. He remained Editor of the magazine till his death in November 1938. He wrote and translated a large number of essays in Sindhi language. Because of his writing and editing skills, *Jot* became very popular in Sindhi society. He compiled two books of selected essays from *Jot* named *Dil Bahar* (in four parts) and *Gul Phul* (in two parts). He wrote and translated almost 20 books in Sindhi language including two dictionaries: *The Sindhi-English Dictionary*, published in 1910, and *A New English-Sindhi Dictionary*, published in 1933. Both dictionaries are significant lexicographical works of Permanand Mewa Ram. In both of these dictionaries, he introduced best synonyms of Sindhi language collected from grass roots of society through firsthand interaction, and made valuable contribution to the vocabulary of Sindhi language by

introducing new words, phrases and idioms as compared to earlier dictionaries of the same type.

In this article, I have put forth an outline of Mr. Mewa Ram’s works in the literary, journalistic and lexicographical fields.

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ جن اديبن، سنڌي ادب سان گڏ، لغت نويسيءَ جي کيتر ۾ نمايان ۽ اهم ڪم ڪيو، تن ۾ مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ۽ پرمانند ميوا رام جو نالو نمايان آهي. پرمانند ميوا رام انيڪ موضوعن تي عام فهم ٻوليءَ ۾ مضمون لکي، نہ صرف مضمون نويسيءَ ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو، پر پندرهنوار ’جوت‘ ۾ ايڊيٽر طور ڪم ڪري، پنهنجي نانءَ سميت ’جوت‘ کي بہ مشهور ڪيو، جنهن ۾ ئي گهٽي پاڳي سندس مضمون ڇپجندا هئا. جڏهن تہ، سنڌي-انگريزي ۽ انگريزي-سنڌي لغتون جوڙڻ ۾ تہ هن ايڏي تہ ڪمال مهارت سان ڪم ڪيو، جو اهي ٻئي لغتون موجوده دَور جون پڻ گهڻيءَ حد تائين بنيادي گهرج پوريون ڪن ٿيون، ”خاص ڪري ٻنهي لغتن ۾ آندل لفظي ذخيرو سنڌي ٻوليءَ جي رچيل هجڻ جي وڏي ثابتي ڏيندڙ آهي. انهن اُتم خدمتن جي ڪري، ڪيس لطيف سائينءَ جي شارح پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ سنڌي ساهتيہ جي سرموڙ شخصيت سڏيو آهي“(1).

سنڌ جي ادبي تاريخن ۽ تذڪرن ۾، ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ، مرزا قليچ بيگ ۽ ڏيارام گدومل سان گڏ پرمانند ميوا رام کي سنڌي نثر جي پيل پاون، چئن ڦيٿن يا چئن ٿنڀن ۾ مڃيو ويو آهي، جن، خاص ڪري، 1857ع کان 1907ع تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر ۽ ناٽڪ جو پوريءَ طرح بنياد وڌو“(2). انهن چئني مهان شخصيتن جي لکيتن جي ٻولي پنهنجي پنهنجي انداز ۽ لب و لهجي واري هئي، جيڪا ڄڻ تہ سنڌ جي چئن ڏسائن ۾ پکڙيل هئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ موجب، ”پرمانند صاحب، سنڌي نثر جي انهن چئن ٿنڀن مان هڪڙو ئي ليکڪ هو جنهن ڪڏهن بہ ڏکيو يا گٿل يا گهرگهلو اکر ڪتب ڪو نہ آندو، ۽ سدائين اُهي سرل فارسي ۽ هندي لفظ ڏيهي سنڌيءَ سان ملائيندو هو جي ڪَن رَس پيدا ڪن ۽ سنڌي گَلن ۾ ڦاسي نہ پون، ۽ نڪِي محاورن جون غير-سنڌي صورتون ورتائيندو هو“(3). پرمانند ميوا رام جي سڄاڻپ جا مشهور حوالا پندرهنوار ’جوت‘ ۾، ورهين جا ورهيہ، ايڊيٽر طور ذميواريون نڀائڻ، ان ۾ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ مختلف موضوعن تي مضمون لکڻ ۽ ’سنڌي-انگريزي لغت‘ سان گڏ ’انگريزي-سنڌي لغت‘ جوڙڻ آهي. پروفيسر عبدالستار بلوچ ان حوالي سان لکي ٿو، ”سنڌي ادب ۾ سندن نالو نہ رڳو اخبار نويسيءَ جي حوالي سان [اهم آهي] پر لغت نويسيءَ جي سلسلي ۾ بہ سندن خدمتون يادگار ۽ مثالي حيثيت رکن ٿيون“(4). پرمانند ميوا رام ’جوت‘ ۾ ادارتي ذميواريون نڀائڻ سميت ڪارائتا مضمون پڻ لکيا، جن ۾ هن جي پُر اثر ٻوليءَ کي خاص طور تي پسند ڪيو

ويندو هو. هن مضمونن جي جملن ۽ انهن ۾ ڪتب آندل لفظن جي بيهڪ تي خاص ڌيان ڏيندو هو، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ٺهڪندڙ محاورا، اصطلاح ۽ چوڻيون پڻ ڪتب آڻيندو هو، ڇاڪاڻ ته هو ٻوليءَ جي نزاڪتن ۽ حسناڪين کي صحيح طرح سمجهندو هو. سندس مشهور ۽ پيارن شاگردن ۾ شاهه جو ٻيهريون نامور شارح ۽ محقق هوتچند مولچند گربخشاڻي پڻ شامل هو.

## زندگيءَ جو مختصر احوال:

پرمانند ميوا رام جنوري 1866ع ۾، حيدرآباد شهر ۾، پيدا ٿيو(5). ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ سندس ڄمڻ جي تاريخ 13-جُون 1866ع(6) ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا سن 1856ع(7) لکي آهي. انهن مان مستند تاريخ جنوري 1866ع ئي آهي، جيڪا ٻوين ٻنهي کان آڳاٽي ۽ پرمانند جي ساٿيءَ انيمانندا جي لکيل آهي. پرمانند جي پيءُ جو نالو ميوا رام هو. رامچنداڻي سندس نک هئي، جڏهن ته کتري برادريءَ سان سندس تعلق هو. "هي صاحب خانداني عامل آکهه مان هو. هن جا وڏا حيدرآباد جي ميرن وٽ ڪاروبار هلائيندا هئا"(8). سندس وڏا سک ڌرم کي مڃيندڙ هئا. پرمانند 12 ورهين جو هو، ته 1878ع ۾ سندس پيءُ ميوا رام جي وفات ٿي. پرمانند مختلف اسڪولن ۾ پڙهڻ کان پوءِ، 1881ع ۾، پنجون درجو پاس ڪيو، جنهن کان پوءِ چرچ مشنري اسڪول حيدرآباد مان سيڪنڊري تعليم حاصل ڪيائين، پر حالتن جي مجبوريءَ سبب وڌيڪ تعليم پرائي نه سگهيو. سندس تعليمي سلسلو ڪڏهن جاري، ته ڪڏهن ٽٽل رهيو. 1881ع ۾ ئي هن پبلڪ سروس امتحان پاس ڪيو. 1882ع ۾ هن ٻيهر ڇهين درجي انگريزيءَ ۾ داخلا ورتي، پر اها تعليم به اڳتي وڌائي نه سگهيو. ڪيس مارچ 1884ع ۾، ماڙي پور سالٽ ورڪس ۾ نوڪري ملي، جنهن بعد هو ڪجهه مهينا سکر ۾ پڻ مقرر رهيو. ٻيهر ماڙي پور موٽڻ کان پوءِ، ڪيس مئي 1886ع ۾ ڊيپلي جي علائقي سارڻ ۾ بدلي ڪيو ويو. 1887ع ۾ هو اها نوڪري ڇڏي، هڪ خانگي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 1888ع ۾ حيدرآباد ۾ انگريزي اسڪول 'يونين اڪيڊميءَ' ۾، ٻيهريان ماستر ۽ پوءِ هيڊماستر ٿيو، جنهن جي پايو وجهندڙن مان هڪ هو. اها اڪيڊمي، پوءِ، 'نولراءِ اڪيڊميءَ' جي نالي سان مشهور ٿي. طبيعتاً پرمانند ميوا رام ملنسار ۽ بي غرض انسان هو. اهو ئي رويو هو جو هڪ استاد طور هو، جنهنڪري ڪيس گهڻي مقبوليت حاصل ٿي. ستت ئي هن کي حيدرآباد جي ضلعي ڪورٽ ۾ به ملازمت ملي، جيڪا هن 1894ع ۾ ڇڏي ڏني. پرمانند کي ٻوليون سکڻ جو به شوق هو جنهنڪري هو انگريزيءَ سان گڏ لاطيني ۽ گرمکي به سکيو. هڪ ڀيرو ٻيهر، 1894ع کان وٺي 1897ع تائين، پرمانند ميوا رام استاد طور سينٽ پيٽرڪس اسڪول ڪراچيءَ ۾ تدريسي خدمتون نڀايون. ان کان پوءِ هو نئين قائم ٿيل ڌرمي

عيسائي اسڪول ۾ پڙهائڻ ۽ پادريءَ طور ڪم ڪرڻ لڳو. هو هندن ۽ سکن جي غلط وهنوارن کان بد دل ٿي، عيسائيت کان متاثر ٿيو، جنهن ڪري سِک ڌرم ڇڏي، ابتدا ۾ 27 فيبروري 1891ع تي، جرمن پادري سٽلينجر هٿان ڪيٿولڪ عيسائي مذهب اختيار ڪيائين، جڏهن تہ باضابطي طور 7 اپريل 1892ع تي، ڪراچيءَ ۾ اي. بروڊر (A. Bruder) جي هٿ تي، عيسائي مذهب مڪمل طور اختيار ڪيائين. سندس زندگيءَ جو مُک مقصد عيسائيت جي پرچار ڪرڻ هو، جيڪو هن خاص طور ’جوت‘ وسيلي پنهنجن مضمونن ذريعي حاصل ڪيو. جڏهن تہ ”ڪرسچن ريڊنگ روم“ پڻ ان مقصد لاءِ قائم ڪيو. سندس حياتيءَ جو وڏو عرصو حيدرآباد ۾ ئي گذريو. سنڌ جي هن نامور اديب ۽ لغت نويس جي وفات، 72 سالن جي ڄمار ۾، سندس ساٿيءَ ۽ سوانح نگار انيمانندا موجب، 29 نومبر 1938ع تي، اڱاري ڏينهن، صبح جو نائين وڳي کان پوءِ ۽ ڏهين وڳي کان اڳ، ٿي(9). ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ اها تاريخ 14-مارچ 1938ع لکي آهي(10)، جا صحيح ناهي. سندس تدفين حيدرآباد ۾، موجوده قاسم چوڪ وٽ قائم، عسڪري پيٽرول پمپ پٺيان، مسيحي قبرستان ۾ ڪئي وئي. فيبروري 2017ع ۾، سندس قبر جي ڳولا انعام شيخ، نفيس احمد ناشاد ۽ نصير مرزا، قبرستان جي مجاور ديدار علي جتوئي جي نشاندهيءَ تي ڪئي، جنهن تي، ’سنڌ انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ‘ پاران سهڻي ۽ پڪي پختي قبر جوڙائي وئي آهي.

## ”جوت“ ۽ ”گل ڦل“:

1896ع ۾ ’جوت‘ جي ٽُنڊڙ نالي سان، ٻن ٻولين، سنڌي ۽ انگريزي ۾، پندرهنوار رسالو حيدرآباد مان جاري ڪيو ويو، تہ جيئن ڪيٿولڪ عيسائي فرقي جي پرچار سوڌو سماجي، اخلاقي ۽ تعليمي موضوعن تي مضمون ڇپي، سماج ۾ سجاڳي پيدا ڪئي وڃي. ان رسالي جي سنڌي حصي سنڀالڻ جي ذميواري پرمانند ميوا رام ۽ انيمانندا (ريواچند گيانچند ماڪيجاڻيءَ) تي رکي وئي، جڏهن تہ انگريزي ڀاڱي جو ڪم سوامي اُپاڌيہ (بابو چرن بئنرجي) ۽ ڪيمچند سنڀاليندا هئا. سنت ئي، 1900ع ۾ پرمانند ميوا رام کي ’جوت‘ جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. هن اڪيلي سر اها اهم صحافتي ذميواري پنهنجيءَ وفات تائين نڀائي. نامور محقق ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو، ”مسٽر پرمانند، ’جوت‘ جي سلسلي سنڌي ساهت کي زور وٺائڻ جي جا ڪوشش ڪئي سا ڪڏهن وسرڻ جي نہ آهي. سندس ليک اهڙا آهن جهڙا ائڊيسن صاحب جا مضمون، جنهنڪري کيس ’سنڌ جو ائڊيسن‘ سڏي سگهجي ٿو“(11). ’جوت‘ ۾ جيڪي ليکَ، مٿي ڄاڻايل موضوعن تي، پرمانند توڙي ٻين ليکڪن لکيا سي بيحد معياري هئا. ان اعلىٰ معيار ۽ مضمونن جي مقبوليت سبب ئي، هن ’جوت‘

۾ ڇپيل چونڊ ليکن جي پهرين سهيڙ ”دل بهار“ جي نالي سان، ڇئن ڀاڱن ۾، 1904ع ۾ ۽ ٻي سهيڙ ”گل ڦل“ جي نالي سان، ٻن ڀاڱن ۾، 1925ع ۽ 1936ع ۾ ڇپي. اهي ٻئي سهيڙون پڻ پڙهندڙن طرفان تمام گهڻيون پسند ڪيون ويون. تنهن کان سواءِ، ”گل ڦل“ کي بمبئي سرڪار مئٽرڪ جي امتحانن لاءِ قبول ڪيو ۽ سنڌ جي ورنيڪيولر ٽيڪسٽ بڪ ڪاميٽيءَ اسڪولن ۾ پاڙهڻ لاءِ منظور ڪيو. ان ڪتاب جي پهرين ڀاڱي ڇپجڻ کان پوءِ، ان جي مواد ۽ ٻوليءَ بابت، نامور اديب لعلچند امر ڏنيمل ”گل ڦل“ تي تبصرو ڪندي لکيو، ”پڙهندڙ هن ڪتاب جا پرت اٿلائيندو ته منجهائنس هر هڪ وٽ جو سواد وٺي سگهندو... مسٽر پرمانند ميوا رام عبارت جي باري ۾ اٽڪل سٽڪل مان ڄاڻي ٿي ڪو نه. انهيءَ ڏس ۾ مرچ مصالحي ٻُرڪڻ کان پاڻ سدائين دور رهيو آهي. سياوي جيئن اڇيس تيئن لکندو وڃي. نڪا ڪيس اها اون رهي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ کي ’شد‘ ڪريان يا ان کي دين جي گهوڙي تي چاڙهي مسلمان بنايان! سندس ويچارن سان اڳلو ڪٿي ڪٿي ساڻس مخالفت رکي ٿو، پر عبارت سندس اهڙي سليس ۽ پڪي آهي، جو خود وروڌي به سندس انصاف مڃيندا آهن“(12). ”گل ڦل“ ۾ اڪثريت تخليقي مضمونن جي آهي، پر ڪي ترجمو ڪيل مضمون پڻ ان ۾ شامل ڪيل آهن جن مان اصل لکڻيءَ جو سواد ايندي محسوس ٿئي ٿو. پرمانند ميوا رام جي وفات کان پوءِ ’جوت‘ جو ايڊيٽر فادر اين.ايف. ڪوٽواڻيءَ کي مقرر ڪيو ويو، جنهن پڻ ساڳيءَ ريت ’جوت‘ کي برقرار رکيو ۽ 1946ع ۾، ’جوت‘ کي 50 ورهيه پورا ٿيڻ تي، ان جو ’سونو جُبلي پرچو‘ ڇپيو، جنهن ۾ پرمانند ميوا رام کي بهترين خراج پيش ڪيو ۽ سندس ادبي خوبين کي ساراهيو ويو.

**مضمون نويسي:**

پرمانند ميوا رام کي مضمون نويسيءَ ۾ خاص مهارت حاصل هئي. اهي مضمون خاص ڪري هن ’جوت‘ لاءِ لکيا. ’جوت‘ ۽ ٻين رسالن ۾ سندس جيڪي مضمون لکيا، سي پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائڻ ۾ چڱيءَ پر ڪامياب ويا. سندس مضمونن جا موضوع گهڻ رخا ۽ گهڻ موضوعي هئا، جيڪي مجموعي طور سماج کي بهتريءَ ڏانهن وٺي ويندڙ هئا. ان ڪري ئي، پرمانند ميوا رام جي مضمونن بابت پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو، ”سندس مضمون اڪثر ڪري ڌرمي، اخلاقي، تعليمي، سائنسي، تاريخي ۽ سماجي موضوعن تي لکيل هوندا هئا. تنهن کان سواءِ اعلىٰ شخصيتن ۽ عورتن جون مختصر جيونيون به لکندو هو ۽ سير سفر جا دلچسپ بيان پڻ ڪندو هو، جن کي سيلاني ليکن (Travel Essays) جي نئين شاخ سمجهڻ کپي. مزيدار ٽوٽڪن ۽ پرولين معرفت، سنڌي ادب ۾ جا مذاق جي کوٽ هئي سا به پوري ڪيائين، جن کي مذاقي مضمون (Humorous Essays) چوندا آهن“(13). هن تمام

گهڻا مضمون لکيا، جن ۾ هي مضمون به شامل آهن: ’سپ‘، ’برهمڻ آباد‘، ’سر چارلس نيپيئر‘، ’نئون سال‘، ’راڳ‘، ’ماڪوڙيون‘، ’سر ٿامس مور‘، ’پليگ‘، ’مان به ڪي آهيان‘، ’اڳوڻو ۽ هاڻوڪو سمو‘، ’ڳائيندڙ جبل‘، ڪاهوءَ جو دڙو‘، ’سچي پريم جو لڇڻ‘، ’منشي آوتراءِ صاحب راءِ‘، ’سرشتيءَ جو پستڪ‘، ’ريل ڪان اڳ مسافري‘، ’مرزا جي رُويا‘ (ائڊيسن جي Vision of Mirza تان)، ’جهنگ جو شئل شڪار‘، ’سارنگ ساوڻ لايا‘، ’سنڌي عبارت‘، ’شڪار ته ڪري مير علي مراد‘، ’تصوير جو ٻيو پاسو به اُٿلائي ڏسجي‘، ’مياڻي جي جنگ‘، ’وڪاس واد (Evolution) سچو آهي ڇا؟‘، ’الوڙ‘، وغيره.

**ترجما:**

پرمانند ميوا رام ترجمن تي گهڻو ڌيان ڏنو. ان لحاظ کان هن جون ترجمي جي شعبي ۾ پڻ نمايان خدمتون آهن. سندس ڪيل ترجما گهڻي ڀاڱي، مذهبي، اخلاقي ۽ سماجي موضوعن تي آهن. هن جي ترجمن ۾ مضمونن ۽ آکاڻين سميت سوانحي ڪتاب پڻ شامل آهن. هن جو، 1923ع ۾، لاطيني ٻوليءَ ۾ لکيل ٿامس آر. اڪيمپس (Akempis) جي عيسائي اخلاقي مقالي ”Imitation of Christ“ جو ترجمو، ڪتابي صورت ۾، ”ڪرسٽ جي پيروي“ جي نالي سان ڇپيو، ته اهو سهڻيءَ ۽ ٺُڙ ٻوليءَ ڪارڻ ڏاڍو پسند ڪيو ويو. هن ڪتاب کي لعل سنگهه اجواڻيءَ سنڌي ٻوليءَ جي اڌ ڊزن بهترين نثر جي ڪتابن ۾ شامل ڪندي لکيو آهي، ”ڏيارام گدومل کي ڇڏي، ٻئي ڪنهن به سنڌي ليکڪ اهڙو سولو ۽ سهڻو نثر نه لکيو آهي، جهڙو پرمانند ميوا رام جي مٿي ذڪر ڪيل ترجمي ۾ آهي“(14). اِن ڪتاب جي مواد بابت، نامور محقق ۽ ٻوليءَ جو ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا، لکي ٿو، ”هن ڪتاب ۾ ڪئٿولڪ مذهب تي روشني وڌي اٿس... هن ڪتاب ۾ روحاني تسليءَ لاءِ فائديمند نصيحتون ڏنل آهن... ڪرسٽ جي پيرويءَ ۾ بيان ڪيل آهي ته هڪ انسان کي دنيا ۾ ڪهڙي نموني زندگي گذارڻ گهرجي. پيغمبر جي پوري تعليم هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي. پاڻ کي گهٽ ڄاڻڻ، ٻين کي چڱو ۽ لائق ڪري ليکڻ ۽ پڇتاءُ ڪرڻ سان سچي ڀڳتي جاڳي ٿي. دور انديشيءَ سان ڪم ڪرڻ، هٺ کان پري رهڻ، ۽ ٻيون اهڙيون ڳالهيون هن ڪتاب ۾ آندل آهن“(15). سندس ٻيو ترجمو ڪيل ڪتاب ”هيرو گلو“ نالي سان، 1936ع ۾ ڇپيو، جيڪو هڪ انگريز ليکڪ ’ڪئن سمٿ‘ جو لکيل هو. اهو ڪتاب هڪ نصيحت آموز ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي جنهن جي ڪردارن جا نالا هن پنهنجي ماحول موجب رکيا. ان ڪتاب ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي خوبين ۽ خامين کي چٽو ڪيو ويو هو. سندس ٽيون ترجمو ڪيل ڪتاب ”قرآن جو بنياد“ آهي، جنهن کي مسلمانن سخت ناپسند ڪيو ۽ منجهن رنج جو باعث بڻيو. پرمانند ميوا رامَ اهو ڪتاب

متنازع موضوع هجڻ سبب 'هڪ حيدرآبادي' جي مخفي نالي سان ڇپرايو. سندس ٻين ترجمي ڪيل ڪتابن ۾ "لورڊ جي ناري" بہ شامل آهي. اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ هُن انجيل جو سنڌي ترجمو پڻ ڪيو هو (16).

**ڇپيل ڪتاب:**

پرمانند ميوا رام جي ڪتابن جا موضوع انسانذات جي مذهبي ۽ اخلاقي چڱائيءَ ۽ ڀلائيءَ جي بنيادن تي بيٺل آهن. البت سندس لغتون، خصوصاً، سنڌي ٻوليءَ سان محبت جو اٽميو اظهار آهن، جن تي هن تمام گهڻو وقت بہ سيڙايو ۽ محنت بہ تمام گهڻي ڪئي. سندس ڇپيل ڪتابن جي فهرست هن ريت آهي:

1. دل بهار (4 ڀاڱا، ٻارن لاءِ نصيحت ڀريون آکاڻيون، 1904ع)
2. سنڌي-انگريزي ڊڪشنري (1910ع)
3. يوسف مصري (1915ع)
4. ڪرسٽ جي پيروي ("Imitation of Christ" جو ترجمو، 1923ع)
5. گل ڦل (60 مضمونن تي مشتمل پهريون ڀاڱو، 1925ع)
6. هيري جي مُنڊي – خطن ۾ (1934ع)
7. گل ڦل (73 مضمونن تي مشتمل ٻيو ڀاڱو، 1936ع)
   ('گل ڦل' جا ٻئي ڀاڱا گڏ، 1956ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران ڇپيا.)
8. اپاٺهار جي هستي
9. هيرو گلو (اخلاقي ناول)
10. سندباد سيلاني (بنيادي طور هڪ ناول، جيڪو مشهور ليکڪ ڊبليو.ٽي. اسٽيڊ جي ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب جي خاڪي تي آڌاريل آهي)
11. ڌرم مورتي
12. آتمڪ امرت
13. لڇڻ وڏيڪ ڪين لڏو
14. لورڊ جي نارِي (Lady of Lourdes) (ڪهاڻيون)
15. قرآن جو بنياد (قلمي نالي 'هڪ حيدرآبادي' سان ڇپيل)
16. اسڪائوٽ جمبوري
17. شاهہ جي رسالي مان سُر ڪاپائتي (لفظن جي سمجهاڻين سان، ايڊٽ ڪيل)
18. سنڌ جا مير (اڏارام ٿڌاڻيءَ سان گڏ، 1938ع)
19. ميرن جي صاحبي موتي اڇي ڇا؟ (حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي لکيل ڪتاب "ميرن جي صاحبي" تي لکيل تنقيدي-جوابي چوپڙي)

**لغتون:**

پرمانند ميوا رام، سنڌي ٻوليءَ جي ضرورت کي ڏسندي ۽ دوستن جي اصرار تي، ٻن جامع لغتن جوڙڻ جو ڪم شروع ڪيو، جن ۾ هڪ **”سنڌي-انگريزي ڊڪشنري“** ۽ ٻي ”A new English-Sindhi Dictionary“ (”اَ نيو انگلش-سنڌي ڊڪشنري“) شامل آهن. ٻنهي لغتن کي ڇپرائڻ جي ذميواري ”سنڌ جوينئل ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ“ کنئي، پر پوءِ ان اداري اها ذميواري صرف پهرينءَ لغت تي پُوري ڪئي. سندس رٿا ۾، پهريائين مکيه لفظن جي داخلا سان ’انگريزي-سنڌي لغت‘ ۽ پوءِ ’جامع سنڌي-انگريزي لغت‘ جوڙڻ شامل هيون.

پرمانند ٻنهي لغتن تي ڪم جي شروعات ڊسمبر 1904ع ۾ ڪئي، پر اوليت تي ”انگريزي-سنڌي ڊڪشنري“ رکي. لڳاتار چئن سالن تائين ڪم ٿيڻ بعد، ”انگريزي-سنڌي ڊڪشنري“ ڇپائڻ جي ساٽ (process) لاءِ تيار ٿي وئي، پر پوءِ ڇپائيءَ جي مسئلن، خاص ڪري خاص ليٽر ٽائيپ جي موجود نه هجڻ جي ڪري ان جي ڇپائيءَ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي پئي. ٻئي طرف سنڌي-انگريزي لغت جي گُهر وڌڻ لڳي هئي. ان ڪري پهريائين ”سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ“ جي ڇپرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ان جي ڪم کي اُڪلائڻ تي زور ڏنو ويو. ”سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ“ جي سهيڙ تي ڪم پڻ هوري هوري جاري رهيو هو. ان فيصلي بابت، پرمانند ميوا رام ”سنڌي-انگريزي ڊڪشنري“ جي ’پيش لفظ‘ ۾ لکي ٿو:

“Under the circumstances, it was decided to issue meanwhile a reliable Sindhi-English Dictionary of somewhat *moderate* dimensions, but yet faithful in its way”(17).

يعني ”انهن حالتن ۾، اهو فيصلو ڪيو ويو ته في الحال ڪا ڀروسي جوڳي سنڌي-انگريزي لغت پڌري ڪيون جيڪا نه صرف *معتدل* رخن تي آڌاريل هجي، پر پنهنجي طور تي سهولت ڀري هجي.“

”سنڌي-انگريزي لغت“ جي گُهر بابت، پرمانند ميوا رامَ پوءِ ڇپيل ”انگلش-سنڌي ڊڪشنري“ جي مهاڳ ۾ به، خيالن جو اظهار ڪيو آهي:

“While we were trying to arrange for special Sindhi types with the view to incorporation of a maximum of matter in a minimum of space, there arose an urgent demand on the part of the public for a decent, reliable but not necessarily very large S.E. Dictionary [Sindhi-English Dictionary] to be moderately priced”(18).

يعني، ”اڃا اسان خاص سنڌي [اکرن] ٽائيپ جي بندوبست جي ڪوشش ڪري رهيا هياسين ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ جڳهه منجهه گهڻو مواد اچي سگهون، ته عوامي حلقن پاران مناسب قيمت واري اهڙي سنڌي-انگريزي لغت جي تڪڙي گُهر

ٿيڻ لڳي جيڪا لازمي نہ هو تہ تمام وڏي هجي، پر معياري ۽ پروسي جوڳي هجي.“

ان ريت، عوامي گُهر کي مانُ ڏيندي، ”سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ“ جو ڪم تڪڙو اُڪلائي، 1910ع ۾، ان کي پڌرو ڪيو ويو، جنهن جي قيمت 5 رپيا رکي وئي. ان لغت پهرين ڏينهن کان ئي مقبوليت ماڻي ورتي، جنهن جي خاص سببن ۾، ان لغت ۾ شامل لفظن جي ذخيرو هو جيڪو وڏيءَ محنت سان ڪَٺي ڪيو ويو هو. ٻيو تہ، سنڌي لفظن کي زبرن، زيرن، پيشن ۽ جذمن سان لکيو ويو هو، تہ جيئن اچارن ۾ مونجهارا نہ رهن. پنهنجيءَ ان محنت بابت، پرمانند ميوا رام، ”سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ“ جي پيش لفظ ۾، لکي ٿو:

“In carrying out my double work, I have consulted a large number of reference books of all sorts, both general and technical, and in making reference, personally or by letter, to all sorts and conditions of persons, high and low, European and Indian. Besides scholars, litterateurs, lawyers, doctors (including veterinary), Pundits, Akhunds, officials of the Revenue, Judicial, Engineering, Forests and other departments, sportsmen, merchants, Zamindars, I have largely consulted them in the humbler walks of life, such as goldsmiths, blacksmiths, tailors, carpenters, grocers, musicians, boatmen, fishermen, horse-dealers, peasants, and others”(19).

يعني، ”مون هِن ٻٽي قلمي پورهيي جي تڪميل لاءِ وڏي تعداد ۾ هر قسم جا حوالاجاتي، جنرل توڙي فني ڪتاب پڙهيا، ۽ شخصي توڙي لفظي حوالا ڏيندي، سندن سيني عام ۽ خاص پهلوئن جا بہ حوالا ڏنا، جن ۾ يورپي توڙي هندستاني ٻئي شامل آهن. اُن کان علاوه عالمن، اديبن، ڊاڪٽرن (بشمول جانورن جي ڊاڪٽرن)، پنڊتن، آخوندن، روينيو انجنيئرنگ، ٻيلي کاتي ۽ ٻين کاتن جي عملدارن، رانديگرن، دُڪاندارن، زميندارن سميت، مان ججهي تعداد ۾ سونارن، لوهرن، درزين، واڍن، هارين، پنسارين، سازندن، مانجهين، ميربحرن، گهوڙن جي واپارين ۽ ٻين سان مليس ۽ انهن سان مشاورت ڪئي.“

هيءُ ڪو سهنجو ڪم نہ هو. لسانيات جو هر هڪ ڄاڻو توڙي لغت نويس چڱيءَ پر ڄاڻي ٿو، تہ لغت جوڙڻ: ڪا اَڪ جي ماکي لاهڻ ناهي. ان لاءِ مستقل مزاجيءَ ۽ وڏي غور فڪر سان ڪم ڪرڻو پوندو آهي، جنهن ۾ لفظن جي معنائن کي گهڻو ئي پرکڻو ۽ پيٽڻو پوندو آهي. پرمانند پاران محبت ۽ مڪمل وابستگيءَ سان ڪيل لفظن کي ميڙڻ جي ڏُکي ۽ محنت طلب سرگرمي رڳو ڪمين ڪاسبن تائين محدود نہ هئي. ”هُو پاڻ ٻنين، ڊنڊن ۽ سنڌ جي دور دراز ڳوٺن ۾ ويندو هو، ڏار ڏار ڏنڌن ۽ روزگار ۾ رڌل ماڻهن سان ڳالهہ ٻول ڪندو هو يا انهن بيمارن سان وجي حال احوالي ٿيندو هو، جي حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ علاج ڪرائڻ ايندا هئا. ان ريت هن اهي

سڀ لفظ گڏ ڪيا، جيڪي هن ڪان اڳ نڪتل لغتن ۾ بہ ڪين هئا. منڇر ڍنڍ جي هڪ بيمار مهاڻي هن کي انهن مڇين [۽] آبي پکين جا نالا ٻڌايا، جن ڪان هيل تائين پڙهيل ڳڙهيل سنڌي بہ اڻ واقف هئا"(20).

پرمانند ميوا رام هِن "سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ" جي تياريءَ ۾، پادري جارج شرٽ جِي "سنڌي-انگلش ڊڪشنريءَ" (ڇپيل 1879ع) تان پڻ ڀرپور استفادو حاصل ڪيو ۽ ساڳي نالي واري پنهنجيءَ لغت ۾، ضرورت موجب، انهن کي سُوڌي سنواري پيش ڪيو. اهڙو اظهار هُن پنهنجين ٻنهي لغتن جي پيش لفظن ۾ پڻ ڪيو آهي. هُو "سنڌي-انگلش ڊڪشنريءَ" جي 'پيش لفظ' ۾ لکي ٿو:

"Shirt's definitions have also been revised and shortened and special efforts have been made to secure from professional men single words in place of long explanations"(21).

يعني "شرٽ جي وصفن تي نظرثاني ڪئي وئي آهي ۽ انهن کي مختصر بڻايو ويو آهي ۽ خاص اپاءَ وٺندي ماهرن سان صلاح ڪري ڊگهين تشريحن بدران ڇڙا لفظ ڏنا ويا آهن."

پرمانند ميوارام "سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ" جي تياريءَ ۾، شرٽ جي لغت کان سواءِ، جن ٻين ڪتابن ۽ ٻئي مواد مان استفادو حاصل ڪيو، تن ۾: "شاهہ جو رسالو؛ ديوان ليلا رام جو 'شاهہ لطيف'؛ ڀيرومل مهرچند کان مليل 'مسودو'؛ نصابي ڪتابن مان سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي اصطلاح؛ عورتن ۽ هارين کان سهيڙيل لفظن جون ذاتي فهرستون؛ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ مروج سنسڪرت، فارسي، عربي ۽ اردو لفظن جو ذخيرو؛ هندستاني-انگريزي لغتون؛ ويبسٽرس انٽرنيشنل ڊڪشنري آف انگلش لينگويج؛ باغبانيءَ بابت مرزا قليچ بيگ جو ڪتاب؛ فرهنگ جعفري؛ مَري جا بہ ڪتاب: ورٽيبريٽ زولاجي آف سنڌ ۽ پلانٽس اينڊ ڊرگس آف سنڌ؛ سنڌ گزيٽئر؛ ڊماڪس مٽيريا ميڊيڪا؛ اي ڊڪشنري آف ڪمرشل ٽرمس؛ گهنشامداس رامڏاس جو 'بُڪ آف سنڌي ايڊيمس'؛ ڊاڪٽرس پرشَن ڊڪشنري؛ شرٽ (Rev. Shirt) جي 'انگريزي-سنڌي لغت' جو مسودو؛ ۽ شرٽ جي لغت ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل ديوان ڪوڙيمل جو سهيڙيل لفظن جو ذخيرو" شامل آهن. يقيناً اهو تفصيلُ هن لغت تي ٿيل محنت کي گهڻو ئي پڌرو ڪري ٿو. ان باوجود، ان لغت تي، نامور ٻولي ڄاڻڪ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي تنقيد ڪندي لکي ٿو: "جيتوڻيڪ هن جو سٺاءُ اڄ ڪلهہ جي وگيانڪ (سائنسي) ڍنگ جو ناهي، تنهن هوندي بہ اڄ تائين اِها لغت سند طور استعمال ڪئي وڃي ٿي"(22). ڊاڪٽر جيٽلي جي ان تنقيد ۾ تعريف بہ شامل آهي، تہ سنڌي-انگريزي لغتن جي تاريخ ۾، ان لغت جي حيثيت هڪ سند طور آهي. اها سند اڃا وڌيڪ اهم بڻجي پوي ٿي جيڪڏهن "سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ" ۾ اهو لفظي ذخيرو بہ شامل ٿئي ها جيڪو پرمانند ميوا رام، 1910ع ۾ لغت جي ڇپجڻ کان پوءِ

ميڙيندو رهيو هو، جيڪو سندس وفات کان پوءِ ضايع ٿي ويو.

پرمانند ميوا رام جي مرتب ڪيل ٻي اهم لغت "A New English-Sindhi Dictionary" (نئين انگريزي-سنڌي لغت)، پهريون ڀيرو 1933ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي، جنهن جي قيمت پڻ 5 رپيا رکي وئي. ان لغت جي ڇپجي پڌري ٿيڻ ۾، 1910ع ۾ "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" ڇپجڻ کان پوءِ، ننڍي کنڊ جي سياسي حالتن ۾ ڀين مسئلن جي ڪري، وڏي وٿي پئجي وئي. ان لغت لاءِ لفظن، فقرن، ورجيسن ۽ سمجهاڻين، مخففن وغيره جو بنياد، پرمانند ميوا رام، "ويبسٽرس انٽرنيشنل ڊڪشنريءَ" تي رکيو، جڏهن تہ "ڪنسائز اوڪسفرڊ ڊڪشنريءَ" کي پڻ نظر هيٺ رکيو. هُن، هِن لغت جي لفظن لاءِ پڻ ساڳي جاکوڙ برقرار رکي جهڙي "سنڌي-انگلش ڊڪشنريءَ" لاءِ ڪئي هئي، جنهن جو تذڪرو مٿي ڪيو ويو آهي. خاص ڪري انگريزي لفظن لاءِ ٺهڪندڙ متبادل سنڌي لفظ داخلا هيٺ رکيا ويا. هيءَ لغت ان حوالي سان پنهنجو مَٽ پاڻ آهي، جيڪا پنهنجي دَور جي بهترين انگريزي-سنڌي لغت جي حيثيت رکندڙ آهي. اهڙو ذڪر پرمانند ميوا رام 'پيش لفظ' ۾ پڻ ڪيو آهي:

"As for the collections of new words, I have made special efforts to find single appropriate words as equivalents for the English words in place of the tedious definitions which have often been resorted to by others"(23).

يعني، "نون لفظن جي مجموعن واسطي، مون انگريزي لفظن جي وڏين وصفن بدران، جيڪي گهڻي ڀاڱي ٻين پاران ڏنيون ويون آهن، هيڪلن ٺُز لفظن کي متبادلن طور ڏيڻ جون خاص ڪوششون ڪيون آهن."

يعني "جيئن تہ نئين لفظن جي مجموعي طور تي، مون وسيع بيانن جي جاء تي سنڌي لفظن لاء واحد مناسب لفظن کي ڳولڻ لاء خاص ڪوششون ڪيون آهن، جن کي اڪثر ڪري ٻين طرفان پيش ڪيو ويو آهي."

هيءَ "نيو انگلش-سنڌي ڊڪشنري" ڊبل ڪرائون ماپ ۾ ڇپيل آهي ۽ ابتدائي صفحن کان سواءِ، انگريزي داخلائن ۽ انهن جي معنائن تي مشتمل ۽ ٻن ڪالمن جي صورت ۾، 460 صفحن تي پکڙيل آهي. هن لغت جي تياريءَ ۾ هنن ڪتابن ۽ لغتن مان، پرمانند ميوا رام استفادو حاصل ڪيو: ويبسٽرس انٽرنيشنل ڊڪشنري، دَ ڪنسائز اوڪسفرڊ ڊڪشنري، جي.ٽي. پليٽس جي هندستاني ڊڪشنري، فالن ۽ فوربز جون انگلش-اردو ڊڪشنريون، دَ نيو سينچري انگلش-اردو ڊڪشنري، دَ اسٽوڊنٽس پرڪٽيڪل انگلش-اردو ڊڪشنري، جان شيڪسپيئر جون اردو-انگلش ۽ انگلش-اردو ڊڪشنريون، مرحوم سوڀراج هاسانند جي ننڍي انگلش-سنڌي ڊڪشنريءَ جو مسودو، وولستان جي انگلش-پرشن ڊڪشنري، شرٽ (Rev. Shirt) جي

انگلش-سنڌي ڊڪشنريءَ جو مسودو، سنسڪرت-انگلش ڊڪشنري، دَ ٽوينٽيٿ سينچري انگلش-مراٺي ڊڪشنري، دَ اسٽينڊَrڊ انگلش-گجراتي ڊڪشنري، مَرِي جا ٻہ ڪتاب: ورٽيبريٽ زولاجي آف سنڌ ۽ پلانٽس اينڊ ڊرگس آف سنڌ، ڊماڪس مٽيرئا ميڊيڪا، فرهنگ جعفري، دَ ڊڪشنري آف ڪمرشل ٽرمس، دَ هندستاني گلاسري آف سائنٽيفڪ ٽرمس، سنڌ گزيٽيئر، باغبانيءَ بابت مرزا قليچ بيگ جو ڪتاب، ۽ ڪوڙومل جي. آڏواڻيءَ جو ڪتاب نامنڪليچر آف سنڌ ڪراپس.

سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪيل بنيادي ۽ انتهائي ڪارائتن ڪمن ۾ شامل هنن ٻنهي لغتن؛ پرمانند ميوا رام جي نانوَ ۽ مقبوليت کي نيُن اوچائين تي پهچائي ڇڏيو ۽ سندس علمي قد ڪاٺ جي قبوليت دل سان ڪئي وئي.

پرمانند ميوا رام جون هي ٻئي لغتون سنڌ ۽ هند ۾ ٻيهر ڇپيون آهن. سنڌ ۾، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري پاران "سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ" جا ٻہ ڇاپا، 1976ع ۽ 1991ع ۾ ڇپيا، ۽ "نيو انگلش-سنڌي ڊڪشنريءَ" جا ٻہ ٻہ ڇاپا، 1979ع ۽ 1994ع ۾، ساڳي اداري طرفان ڇپيا. جڏهن تہ "نيو انگلش-سنڌي ڊڪشنريءَ" جا نوَن واڌارن ۽ سڌارن سان ڪجهہ ڇاپا، اورينٽل بڪ سوسائٽي لاهور پاران پڻ، 1990ع جي ڏهاڪي ۾، "نيو ايج پاپولر اوڪسفرڊ اسٽينڊڊ ڊڪشنري: انگلش ٽُ سنڌي" جي نالي سان ڇپيا آهن. هنن ٻنهي "انگريزي-سنڌي" ۽ "سنڌي-انگريزي" لغتن کي پهريون ڀيرو ڇپجي وڏو عرصو گذري ويو آهي، ان دوران ٻنهي ٻولين انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ لفظن جو وڏو واڌارو پڻ ٿيو آهي ۽ لغت نويسيءَ جي فن بہ اوسر ڪئي آهي، ان صورت ۾ ضروري آهي، تہ هنن ٻنهي لغتن کي نئين سر سُوڌي ۽ سنواري جديد نموني شايع ڪيو وڃي، تہ جيئن سهڻن سنڌي لفظن سان سينگاريل انهن ٻنهي ڪارائتين لغتن مان مستقل فائدي جي حاصلات ٿئي.

پرمانند ميوا رام جي ڪم جو مٿئين جائزي مان ڪَٿ ڪري سگهجي ٿي تہ سندس ادبي، صحافتي ۽ لغوي ڪم يقيناً اهڙي اعلىٰ معيار جو آهي، جنهن مان گهڻو ئي فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ جنهن جي قبوليت هر لحاظ کان اهميت رکي ٿي.

حوالا:

1. آڏواڻي، ڪي.ٻِي.، پروفيسر، 'ٽئگور ۽ پرمانند' (مضمون)، ڪتاب "پرمانند ميوا رام"، سنڌيڪار ۽ سهيڙيندڙ: انعام شيخ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، پهريون ڇاپو آگسٽ 2017ع، ص: 230
2. اجواڻي، لعل سنگهہ، "سنڌي ادب جي تاريخ"، سنڌيڪار: هيرو شيوڪاڻي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ٻيو ڇاپو جولاءِ 2007ع، ص: 247

3. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٽيون ڇاپو اپريل 1993ع، ص: 203
4. بلوچ، عبدالستار، پروفيسر، ”سنڌ جون سون ورنيون دليون“، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، پهريون ڇاپو 2014ع، ص: 118
5. انيمانندا، ’سريجت پرمانند ميوا رام جي زندگي ۽ جدوجهد‘ (مضمون)، ڪتاب ”پرمانند ميوا رام“، ص: 61
6. سنڌي، ميمڻ عبدالغفور، ڊاڪٽر، ’عظيم سنڌي انسان‘ (مضمون)، ڪتاب ”پرمانند ميوا رام“، ص: 175
7. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي نثر جي تاريخ“، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ٽيون ڇاپو 1999ع، ص: 135
8. آڏواڻي، جهمٽ سنگهه ايچ.، ’ياءِ پرمانند‘ (مضمون)، ڪتاب ”پرمانند ميوا رام“، ص: 212
9. انيمانندا، ’سريجت پرمانند ميوا رام جي زندگي ۽ جدوجهد‘، ڪتاب ”پرمانند ميوا رام“، ص: 125
10. سنڌي، ميمڻ عبدالغفور، ڊاڪٽر، ’عظيم سنڌي انسان‘ (مضمون)، ڪتاب ”پرمانند ميوا رام“، ص: 176
11. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، ’سنڌ جو اڏيسن‘ (مضمون)، ڪتاب ”پرمانند ميوا رام“، ص: 235
12. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، ”سنڌي نثر جي تاريخ“، ص: 314
13. ساڳيو، ص: 203
14. اجواڻي، لعل سنگهه، ”سنڌي ادب جي تاريخ“، ص: 260
15. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي نثر جي تاريخ“، ص: 136
16. انيمانندا، ’سريجت پرمانند ميوا رام جي زندگي ۽ جدوجهد‘، ڪتاب ”پرمانند ميوا رام“، ص: 123
17. Mewa Ram, Permanand, *Sindhi-English Dictionary*, Institute of Sindhology Jamshoro, 3rd Reprint. 1991, p. IX
18. Mewa Ram, Permanand, *A New English-Sindhi Dictionary*, Institute of Sindhology Jamshoro, 3rd Reprint. 1994, p. 1
19. Mewa Ram, Permanand, *Sindhi-English Dictionary*, p.IX
20. اجواڻي، لعل سنگهه، ”سنڌي ادب جي تاريخ“، ص ص: 259-260
21. Mewa Ram, Permanand, *Sindhi-English Dictionary*, p. X
22. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، ’سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ‘ (مضمون)، چيف ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين ”سنڌي ٻولي“ تحقيقي جرنل، آڪٽوبر-ڊسمبر 2009ع، ص ص: 23-24
23. Mewa Ram, Permanand, *English-Sindhi Dictionary*, p. 2